ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)**

ماخذ تحقیقی مجلہ

ڊاڪٽر ذوالفقارعلي جلباڻي
اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ، بوائز ڊگري ڪاليج محرابپور، ضلعو نوشهرو فيروز، سنڌ.

# غلام رباني آگرو جي سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو تحقيقي جائزو

**<u>Dr. Zulfiqar Ali Jalbani</u>**
Assistant Professor, Govt (B) Degree College Mehrabpur, Distt; N/Feroze, Sindh

# The Research Study of Ghulam Rabbani Agro's Services In Sindhi Literature

Ghulam Rabbani Agro occupies Praise worthy position in the galaxy of sindh writers. He worked for enriching sindh literature and language and did his level best for bringing better change in the society by virtue of his works. His publications consists of various literary forms such as "biographies" "Travelogues" and short stories, But his short stories and other works have not been researched and studied according to the latest research methodology, though, his work is out standing and wonderful. The topic under study will be some sort of high lighting his work on story writing. In prevailing literary, cultural and other conditions it will also pave way for further study on Subject. History and progress of short story in Sindhi literature special efforts will by take to evaluate the works of Ghulam Rabbani Agro. With special reference to crafts and message of his short stories and other writers, it will enable the researcher to determine the position and rank of Ghulam Rabbani Agro in the history of Sindhi literature.

**Key Words:** Personality, Translating, History, Discuss, Biographies, travelogues.

سنڌ جي سرزمين پنهنجي ڪک مان ڪيترن ئي عالمن، اديبن، شاعرن، مذهبي اسڪالرن کي جنم ڏنو آهي جن مسلسل جدوجهد ڪري پنهنجي حياتيءَ کي

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)**


وطن، قوم ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪندي گذاري ڇڏي آهي. سنڌ جي انهن عالمن ۾ غلام رباني آگرو جو نالو نمايان طور نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو ته: ”پاڪستان جي ورهاڱي کان پوءِ ساهتي علائقي (موجوده ضلعو نوشهروفيروز)، ادبي دنيا جي حوالي سان ٿي وڏا نالا پيدا ڪيا آهن. ڊاڪٽر نجم عباسي جنهن ٢٥ آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي وفات ڪئي. غلام رباني آگرو جنهن ١٨ جنوري ٢٠١٠ع تي ستهتر (٧٧) سالن جي ڄمار ۾ هن فاني جهان ڇڏيو. ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي صاحب، جنهن ڇاهتر (٧٦) سالن جي عمر ۾ ١٥ مارچ تي دم ڏني حوالي ڪيو.“ (لاکو، ٢٠١٠: ١۶٨)،

ساهتي پرڳڻي ۾، ٻيا به ڪيترائي عالم، اديب، شاعر، محقق ۽ نقاد پيدا ٿيا آهن جن جي هڪ وڏي لسٽ آهي. مذڪوره ٿنهي عالمن جو تعلق ’ساهتي‘ خطي جي تعلقي ڪنڊياري سان آهي ۽ ٻن عالمن جو تعلق خانواهڻ شهر سان ۽ غلام رباني آگرو جو تعلق خانواهڻ کان الهندي طرف ڇهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ محمد خان آگرو سان آهي. ٿنهي اديبن جا والدين استاد جهڙي اهم پيشي سان تعلق رکندا هئا. استاد الهندو خان عباسي، استاد محمد يعقوب قريشي ۽ استاد عبداللطيف آگرو جيڪي پاڻ ۾ دوست ۽ همعصر هئا. ٿنهي استادن جي فرزندن جا نالا ادبي دنيا تي نمايان نظر اچن ٿا.

غلام رباني آگرو بنيادي طور هڪ ڏاهو انسان هو جنهن جي زندگي ۽ ادبي پورهيي جو وسيع دائرو آهي. هن ايڪيهن سالن جي عمر ۾، اول ڊئريڪٽر انڊسٽريس آفيس ۾ نوڪري جو آغاز ڪيو ۽ انهيءَ کان پوءِ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ ٥٤ _ ١٩٥٥ع ڌاري ڪلارڪ ٿيو. ناميارن اديبن سندس علمي ادبي ذوق کي ڏسندي سن ١٩٥۶ع ۾ ماهنامي ”نئين زندگي“ جو جوائنٽ ايڊيٽر مقرر ڪيو. پنهنجي تعليم جو سلسلو به جاري رکيائين. آڪٽوبر ١٩٥٧ع ۾ نائب سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ۾ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ عرصي دوران ”هڪ انگريز اسڪالر رچرڊ برٽن جي حياتي ۽ تحريرن سان خاص انس هو.... ڪراچي رهائش ۽ ملازمت واري دور ۾، سنڌ جي پلوڙ نثر نويس غلام رباني آگري جو تعلق رچرڊ برٽن جي ڪتابن سان پيدا ٿيو.“ (لاکو: ٢٠١٠: ۶٨، ١۶٨)، اهڙيءَ طرح سن ١٩٥٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيندڙ ٽماهي رسالي ”گل ڦل“ جو ايڊيٽر ٿيو. آڪٽوبر ١٩۶٧ع کان ڊسمبر ١٩۶٧ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو قائم مقام سيڪريٽري ٿيو. ١ فيبروري کان ٧ جنوري ١٩٧٩ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرووائيس چانسلر رهيو. وري نومبر ١٩٧٩ع کان سيپٽمبر ١٨٨۴ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿيو. ۶ نومبر ١٩٨۴ع کان ٢١ مئي ١٩٩١ع تائين پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد ۾ ڊئريڪٽر جنرل ۽ ٣ جون ١٩٩٠ع کان ساڳئي اداري جو

لڳ ڀڳ ٽي سال چيئرمئن ٿي رهيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ سن ۱۹۹۳ع کان ۱۹۹۶ع تائين فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ٿيو. انهيءَ کان پوءِ وري اچي سنڌي ادبي بورڊ ۾اعزازي سيڪريٽري ۽ چيئرمئن ۽ پوءِ سن ۲۰۰۶ع ۾ ريجنل ڊئريڪٽر محتسب اعليٰ حيدرآباد سنڌ ۾ مقرر ٿيو. اهڙيءَ طرح اسلامي ڪلچر اداره لاهور جو ميمبر، فلمي ايوارڊن جي نيشنل ڪاميٽي جو جج، ٽيليويزن ايوارڊن جي ڪاميٽيءَ جو جج پڻ ٿيو. سندس علمي ادبي خدمتن کي ڏسي ڪيترائي مڃتا ايوارڊ ڏنا ويا جن ۾ مکيه آهن پهريون پيرو سن ۱۹۵۳ع ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران. اهڙي طرح سن ۱۹۸۶ع ۾”تمغهءِ امتياز“ صدر پاڪستان پاران، پنجابي ادبي بورڊ پاران سال ۱۹۸۶ع ۾”گولڊ ميڊل“ ڏنو ويو. سن ۱۹۹۵ع ۾ صدارتي ايوارڊ سان نوازيو ويو.

**غلام رباني آگرو جون ادبي خدمتون**

آگرو مرحوم هڪ باصلاحيت پاڙهو، مرتب، مؤلف، مترجم، مدون ۽ پبلشر رهيو آهي. سندس شايع ٿيل ڪتاب آهن:

۱. **آب حيات**

هيءُ ڪتاب غلام رباني آگرو جو پهريون افسانن مجموعو آهي جيڪو پهريون پيرو سن۱۹۶۰ع ڏاري اداره زندگي پبليڪيشن حيدرآباد پاران حميد سنڌي شايع ڪيو. اُنهيءَ وقت تخليقڪار ستاويهن سالن جو نوجوان هو، ۽ سندس افسانن جي اهميت کي ڏسي ادبي محفلن ۾ بحث مباحثا شروع ٿيا. غلام رباني آگرو لکي ٿو ته: ”مون نٺيءَ چمار ۾ جيڪي واقعا ڏٺا ۽ ٻڌا آهن، تن مان ڪن کي ڪهاڻين جو ويس ڍڪائي عام ماڻهن اڳيان پيش ڪيو اٿم.“ (آگرو، ۲۰۱۱: ۱۸) پهرين ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ، رباني صاحب ڪهاڻيون لکڻ ڇڏي ڏنيون. ويهن سالن جي وٿيءَ کان پوءِ سن ۱۹۸۰ع ۾ ڪنهن دوست جي اصرار تي پنج افسانا لکيائين جن جا عنوان آهن: ’لهرن لڪ لباس‘، ’خواب‘، ’صبح ازل‘، ’همسفر‘ ۽ ’محمد موچيءَ جو حج‘ انهن سمورن افسانن کي الطاف آگرو ۽ نصير مرزا، سندس وفات کان هڪ سال پوءِ گڏ ڪري سال ۲۰۱۱ع ۾ ”آبِ حيات: ڪهاڻي _ ڪليات“ جي نالي سان ڪتابي صورت ڏئي روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران شايع ڪرايو ويو آهي. ڪتاب جي آخر ۾ چئن قلم ڌڻين شيخ اياز، رسول بخش پليجو جمال ابڙو، شيخ حفيظ جا رايا شامل ڪيل آهن. هي سمورو ڪتاب ٢٥٤ صفحن تي مشتمل هڪ لازوال افسانوي ادب جي حيثيت رکي ٿو.

**جائزو**: غلام رباني آگري سن ۱۹۵۳ع کان سنڌي ادب ۾ افسانا لکڻ سان قدم ڌريو غالباً ستن سالن ۾ ڪل ويهه افسانا لکيائين. سن ۱۹۶۰ع ۾ سندس ارڙهن افسانا ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا. انهن ابتدائي افسانن ۾ ٻهراڙي جا سادا سودا، نماڻا ۽ معصوم ڪردار ۽ انهن جي ٻولي، منظر، واقعا، رنگ ڍنگ ۽ ماحول ڳوٺن جو

ISSN (**P**): 2709-9636 | ISSN (**O**): 2709-9644
**Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)**


نظر اچي ٿو. انهن معصوم ڪردارن کي رڳو مظلوم ئي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ انهن کي چوطرف رڳو شڪستُن سان مُنهن ڏيڻو پيو آهي ۽ انهن افسانن کي پڙهي مظلوم، ظالمن سان مهاڏو اٽڪائڻ جي همت نه ٿو ساري سگهي.

غلام رباني آگرو جي پهرين ڪهاڻي جو عنوان آهي:**"اُتر ڏَاهي اُن جا، ته ڪَنهن کي ڪاروُن ڪن؟"**جنهن ۾ نوران ۽ بچل ڀهراڙي جي ڳوٺن جا اهڙا ڪردار آهن جيڪي هڪٻئي سان پيار محبت جون ٻوليون ٻوليندي موت جو شڪار ٿي وڃن ٿا، جنهن جو پڙهندڙ درد محسوس ڪري ٿو. اهڙي طرح "**ٻري هن پنپور ۾"** ڪچي جي رهاڪن جي ڪهاڻي پيش ڪئي ويئي آهي. ڪهاڻي ۾ حقيقي زندگيءَ جا سراغ نظر اچن ٿا، جيڪو جيڪو جنهن سان ۽ جيئن ٿي رهيو آهي، اُهي احساس ۽ جذبا هن ڪهاڻي ۾ چٽا نظر اچن. هن ڪهاڻي جو مکيه ڪردار هڪ ڳُگُدام ۽ ابوجهه عيسيٰ جو پيش ڪيوويو آهي جيڪو پنهنجي سادگي ۽ ابوجهائپ جي ڪري ڪچي ۾ ٻوڏ اچڻ دوران وڏيري جي ذاتي مفادن جو شڪار ٿي پنهنجو گهر ٻار تباه ڪري ٿو. غلام رباني آگرو جي ڪهاڻين جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته، سندس چونڊ ڪيل مظلوم ڪردارن جو ڪوبه اوهي واهي ڪونهي ۽ نه ئي ڪو سندن درد ٻڌڻ وارو آهي. بس ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٺا واري ڪار آهي. ننڍين ننڍين ماڻهن جا پاڻ ۾ ذاتي اختلاف وري الڳ آهن، جيڪي سندس ڪهاڻي "**بدلو"** ۾ مان پسي سگهجن ٿا. اهڙي طرح **"ڪارا ۽ ڳاڙها ليڪا"** ۾ هڪ ايم. بي. بي. ايس. ڊاڪٽر غفور جو اهڙو ڪردار پيش ڪيوويو آهي جيڪو هڪ ٽري چوڪري **سوهو** ڪولهڻ کي شادي ڪرڻ جا ڏٺا ڏئي ڌوکو ڪري ٿو.

شيخ 'راز' لکي ٿو ته: "سنڌ ۾ ١٩٣٤ع ڌاري مختصر افساني جو نئون دور شروع ٿيو. زندگي جي ڪيترن ئي مسئلن کي افساني جو مواد بنايو ويو. هن کان اڳ آکاڻي جو مواد، اصلاحي ۽ اخلاقي نظريات جي پيش نظر ڪيو ٿي ويو. سنڌ ۾ انهيءَ آکاڻي جي زندگي به ايڏي وڏي ڪانه آهي." (شيخ راز، ١٩٥٥: ٩) سن ١٩٥٥ع ۾ سنڌ ادبي بورڊ پاران سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو'مهراڻ' جاري ٿيو جيڪو سنڌ جي نوجوانن لاءِ هڪ نئين اميد سان سپاڳو سج ٿي اڀريو جنهن جي روشني ۾ ڪيترن ئي نوجوانن سنڌي ادب ڏانهن ڌيان ڌريو. انهن نوجوانن ۾، اياز قادري، جمال ابڙو، شيخ اياز، شيخ 'راز' غلام رباني سنڌي (آگري)، ۽ ٻين پنهنجي سماج جي نقل وحرڪت تي گهرائي سان ڌيان ڏئي انتهائي ڪاميابي سان پنهنجا افسانه لکي ادبي دنيا ۾ آندا آهن. سنڌي ادب ۾ افسانوي ادب جي حوالي سان نه ڪا خاص تعريف يا سڌي وصف بيان ٿي آهي ۽، نه وري انهيءَ صنف کي پرکڻ جو ڪو مخصوص ماپو ٻڌايل آهي ته، ڪهاڻي يا افسانو ڪهڙي چيز کي چيو وڃي ٿو.

”افسانوي ادب به پنهنجن ابتدائي مخصوص فني، فطري، سماجياتي، تصوراتي (Conceptual) ۽ جمالياتي (Aesthetical) دائرن کان ٻاهر نڪري نه سگهيو آهي.“(چانڊيو، ٢٠٠٧: مهاڳ) افسانو دراصل هڪ اهڙي صنف آهي جنهن کي مختصر ڪهاڻيءَ کان الڳ نه ٿو ڪري سگهجي، چاڪاڻ جو انهيءَ جوتعلق به ڪن فرضي ڪردارن سان هوندو آهي، ليڪن اُن جا ڪردار ڪنهن قدر حقيقتن جي ويجهو هوندا آهن ۽ انهن مان معلوم ٿيندو آهي، هي ته، اسان جي سماج ۾ مروج ريتن رسمن جي نمائندگي ڪن ٿا.

”آبِ حيات _ ڪليات ڪهاڻي) ۾ ٿيويه افسانا ڏنل آهن. تحقيق هڪ مسلسل جدوجهد جو نالو هوندو آهي انهيءَ عمل کي اپنائيندي راقم الحروف کي مختلف جريدن جي اپياس دوران غلام رباني آگرو جون ٻه نيون ڪهاڻيون نظر مان گذريون جن کي ڏسي سرهائي محسوس ٿيڻ لڳي هڪ افسانو ”**فتويٰ**“ ماهوار ”نئين زندگي“ سن ١٩٥٥ع ۽ ٻيو افسانو ”**جاهل**“ عنوان سان مليو آهي، جيڪو نواب شاهه مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي ”ادا“ جنوري ۽ فيبروري ١٩٥٦ع جي پرچي ۾ موجود آهي. مذڪوره ٻئي افسانا ذڪر هيٺ نه اچي سگهيا آهن. مذڪوره ٻئي ڪهاڻيون رومانوي انداز ۾ لکيل آهن چاڪاڻ جو تخليقڪار جي عمر جي تقاضا ۽ لاڙو ٻئي ڏسي سگهجن ٿا. شروعاتي دور ۾ ماڻهو ايترو ذهين نه هوندو آهي پر، پنهنجي مسلسل مطالعي، مشق ۽ مشاهدي سان الجهيل شيون به سڌيون ڪري وٺندو آهي.

افساني ”**فتويٰ**“ **مان** ٽڪرو ڏيون ٿا: ”ٻُوٽيندي‘ جو آواز ڪن تي پيس. اُٿي ڪڙي ٿي. اگڻ مان ڪُتِر جي جهولي پري، وَڏِي وجي مينهن جي آهُر ۾ اڇلايائين. هوريان هوريان لوڙهي جي وٽ ڏيئي ٻُنپي ڏانهن وڌڻ لڳي ۽ اچي اجا ڪڙهه ۾ هٿ وڌائين ته ڪڙڪو ٿيو.“ (آگرو، ١٩٥٥: ٢٩) افساني ۾ ٻوليءَ جو استعمال ٻهراڙيءَ وارو آهي. اڄ جي شهري ماڻهوءَ کي ڪهڙي خبرته، **ٻوٽيندو** ۽ **ڪڙهه** چاڪي ٿو چئجي! هي ڪهڙيون شيون آهن.؟

شيخ عبدالرزاق ’راز‘ لکي ٿو ته: ”افساني کي سهڻي ۽ دلچسپ نموني ۾ آهسته آهسته، خبرداري سان اڳتي وڌائڻ وڏي فنڪاري آهي. افساني جي شروع ڪرڻ سان، پڙهندڙ جو ذهن هڪدم گِرفِت ۾ اچيو وڃي ٿو. هن ۾ البت پلاٽ کي چڱي نموني سمجهائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي وئي آهي، ۽ افساني جو خاتمو معمولي آڪاڻي وانگر ڪيو ويو آهي.“ (شيخ راز، ١٩٥٥: ١٩) غلام رباني آگرو جي فهم، فڪر ۽ ڏاهپ جا مثال ادبي دنيا ۾ مقبوليت ماڻي رهيا آهن، چاڪاڻ جو سندس چوند افسانن ”**آبِ حيات**“ ۽ ”**بدلو**“ کي اردو ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري يارهين ۽ ٻارهين درجي جي نصاب ۾ پڙهايا وڃن ٿا جنهنڪري اهو سلسلو مستقبل ۾ به قائم رهڻ جو قوي امڪان آهي.

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)

**٢. چونڊ آمريڪي مختصر افسانا**
**مترجم**
**سراج ۽ رباني**

مذڪوره مجموعي ۾ جديد آمريڪي افسانوي ادب مان هڪ انتخاب ڏنوويو آهي. ڪتاب ۾ ڪل چوڏهن افسانن جا عنوان آهن: ’مغربي سمنڊ جي ساحل تي‘، ’ڪافر‘، ’واديءَ جو ڪڙمي‘، ’آرزو مند مهمان‘، ’ڪونج‘، ’پٿر جي عظيم شڪل‘، ’نيوانگلينڊ جي راهبه‘، ’لويءَ جي واپسي‘، ’جونيس مالٽبي‘، ’ٻيلن جو بادشاهه‘، ’گرم ندي‘، ’ريدار جي ڌي‘، ’سرڪس‘ ۽ مئخاني جون سوکڙيون. انهيءَ ترجمن جي ڪري اچ تائين سنڌي افسانوي ادب جي فن تي انگريزي، روسي، فرانسيسي ۽ اردوءَ جو به اثر نظر اچي ٿو.

**٣. سنڌ ۾ پکين ۽ جانورن جو شڪار**
**محمد اسماعيل عرساڻي ۽ غلام رباني**

ڏيهي ادب ۾ پرڏيهي ادب جا شهپارا ترجمو ڪرڻ انتهائي نازڪ ڪم آهي، چاڪاڻ جو مترجم جي سامهون ٻن ٻولين جو گرامر، لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن جو به مسئلو هوندو آهي ته ٻئي طرف پنهنجي قوم کي ٻين جي خيالن کان واقف ڪرائڻ جو بنيادي مقصد هوندو آهي مقامي ماڻهن کي محسوس ڪرائڻ ته، بين الاقوامي طورتي ادب ۾ ڪهڙين ڳالهين ۽ معاملن جو ذڪر ٿي رهيو آهي ۽ اسان ڇا پيا ڪريون؟ ’’’سنڌ ۾ بازن سان شڪار‘ ١٨٥٢ع Falconry in the Valley of Indus جيڪو لنڊن ۾ ڇپيو. رباني صاحب هن ڪتاب مان ڪي ٽڪرا (حصا) ترجمو ڪيا ۽ ماهنامي ”نئين زندگي“ ڪراچي ۾ مارچ اپريل ۽ جون ١٩٦٢ جي پرچن ۾ ڇپرايا ۽ پوءِ ربانيءَ جي اصرار تي محمد اسماعيل عرساڻي سنڌ ۾ شڪار جي موضوع تي مضمون لکيا، ۽ اهي سه ماهي ”مهراڻ“ ۾ ڇپيا ۽ مذڪوره ڪتاب جي ضميمي طور رباني جا ٽي مضمون ڏنا ويا.“ (لاکو، ٢٠١٠: ١٧١)

سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٧ع ۾ محمد اسماعيل عرساڻي مرحوم جو ڪتاب ”سنڌ ۾ پکين ۽ جانورن جو شڪار“ ڇاپي پڌرو ڪيو. ”ڪتاب ۾ عرساڻيءَ جا لکيل ڇهه مضمون ١. تترن جو شڪار ٢. هرڻن جو شڪار ٣. بربلن جو شڪار ٤. ٻلن جو شڪار ٥. مرن (سوئرن) جو شڪار ٦. ڍنڍ جي پکين (آبي پکين) جو شڪار موجود آهن. جڏهن ته ضميمي طور رباني صاحب جو ١٩٦٢ع ۾ برٽن جي ڪتاب جو ترجمو ’بازنامو‘ پڻ شامل ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ ڪرائون سائيز ۾ ١٤٣ صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ برٽن جي مختصر چاڻ ڏني وئي آهي.“ (لاکو، ٢٠١٠: ١٦٨)

### ٤. جهڙا گل گلاب جا (حصو پهريون)

مذڪوره ڪتاب ۾ ڇهن ناميارن عالمن، اديبن ۽ استادن جو تذڪرو بيان ڪيو ويو آهي. اُهي عظيم شخصيتون اصل ۾ سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي مختلف ادبي، ثقافتي، سماجي ۽ سياسي شخصيتن جي حوالي سان پنهنجي پنهنجي شعبن جا ماهر ۽ اعليٰ نسل جا عالم آهن تن کان مصنف متاثر ٿي انهن جي يادگيرين کي سهڻي ريت ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي. جن شخصيتن جا خاڪا پيش ڪيا ويا آهن انهن مان ڪن جي مصنف کي زيارت ۽ صحبت ته ڪن سان خط و ڪتابت جي سعادت نصيب ٿي آهي. ٢٨٠ صفحن جي ڪتاب ۾ علامه آءِ آءِ قاضي، (عبداللطيف آگرو- ليکڪ جو پيءُ)، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، عثمان علي انصاري، سيد ميران محمد شاهه، پير حسام الدين راشدي اچي وڃن ٿا.

### ٥. جهڙا گل گلاب جا (ٻيو حصو)

سائين جي ايم سيد جي مشهور ڪتاب ”جنب گذاريو جن سين“، پير علي محمد شاهه راشدي جي ڪتاب ”اهي ڏينهن اهي شينهن“، سيد حسام الدين راشديءَ جي ڪتاب ”هو ڏو ٿي هو ڏينهن“ وانگر سنڌي ساهت ۾ وڏي اهميت لهڻي ٿو. جن ناياب قسم جي شخصيتن کان ليکڪ متاثر ٿيو آهي سي آهن: شيخ عبدالمجيد سنڌي، حاجي مولا بخش سومرو، نواب نور احمد خان لغاري، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا عبدالواحد سنڌي، بيڙو فقير ڪنڀر، مولوي حافظ عبدالحميد پٽي، رشيد پٽي، صديق سالڪ، ايچ ٽي لئمبرڪ، محمد امين کوسو، مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، پروفيسر سيد غلام مصطفیٰ شاهه، محمد ابراهيم جويو، شفيق الرحمٰن، مولانا غلام مصطفیٰ قاسمي، غني خان جيڪي پنهنجي سمورين خوبين سان آڏو اچن ٿا.

**جائزو:** جهڙا گل گلاب جا جي ٻنهي حصن ۾، پاڪستان جي ٽيويهن سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتن جا يادگيرا، تذڪره، سوانح عمريون ۽ خاڪا پيش ڪياويا آهن. ڪتاب جي پهرين حصي ۾ صفحي ١١ کان ٨٨ صفحي تائين هڪ لازوال مقدمو پيش ڪيل آهي جنهن ۾ مقدمي نگار اهڙو ته رنگ پريو آهي جو سمورو مقدمو پڙهڻ کان سواءِ قاري رهي نه سگهندو. چاڪاڻ جو هن مقدمي ۾، رامائڻ تلسي، راوڻ جو سيتا کي اغوا ڪري وڃڻ، رام ۽ لڇمڻ جي سندس ڳولا ۾ نڪرڻ کان ويندي دانائن ۽ دشمنن، بادشاهن، شاعرن جي شاعري، درسي ڪتابن جون ڳالهيون، اوهينري جي افساني عيسيٰ ۽ شيطان مان مثال، پهاڪا، چوٽيون، سائنس، ادب ۽ روح جون ڳالهيون جيڪي پڙهندڙن جو توجهه ڇڪرائين ٿا. انهيءَ کان علاوه البرٽ آئنسٽائين، مهاڀاري لڙائي ۾ آمريڪين جپانين مٿان جيڪي بم ڪيرايا تن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ابن خلدون، عيسائي مذهب ۽ ان جي پوئلڳن، انسانن جي رنگ نسل، قوم، ذات، زبان، مذهب، ثقافت جي تفاوتن جو ذڪر ڪيو

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)

ويو آهي. پيغمبر حضرت محمد ﷺ جي اخلاق جا مثال، انصاف بابت ٻڌايو ويو آهي ته ”انصاف معنيٰ حق ۽ ناحق جي وچ ۾ ليڪو ڪڍڻ“، مصر جي راڻي قلوپطره پنهنجي پاءُ سان شادي ڪئي هئي، جنهن کان پوءِ ان کي مارائي ڇڏيائين. سعادت حسن منٽو جي افساني جا مثال به ڏنا ويا آهن. جارج برنارڊشاھ، علامه آءِ آءِ قاضي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ البرٽ آئنسٽائين جي وچ يعني صفحي ۴۶ کان پوءِ تصوير ڏني وئي آهي. اهڙي طرح عمر خيام جي مثالن کي آڏو آندو ويو آهي. اهڙين ادبي خدمتن کي ڏسندي، سنڌ جي معمر شاعر، اديب ۽ ڏاهي انسان شيخ اياز اها علمي اڳڪٿي ڪئي آهي ته: ”رباني جو نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.“ (شيخ، ۲۰۱۱: ۲۴۰) شيخ اياز جي اها اڳڪٿي سورهن آنا سچي ثابت ٿي رهي آهي جو سندس ڪتابن ”جهڙا گل گلاب جا“ ٻئي حصا ۽ آخري ڪتاب ”سنڌُ جا بَرَ، بَحَرَ ۽ پهاڙَ“ سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۾ ايترو ته، مشهور ۽ مقبول ٿيا جو اهي بڪ اسٽالن ۽ ادارن مان ختم ٿي ويا. سنڌي ادبي بورڊ کي وري ٻيهر ڪتابن شايع ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي ۽ اهي وري ٻيو ڀيرو شايع ڪيا ويا آهن.

### ۶. ماڻهو شهر ڀنڀور جا

مذڪوره ڪتاب به اڳين ڪتابن جو تسلسل ۽ نئين انداز ۾ پيش ڪيل مفيد معلومات ڏئي رهيو آهي. رباني لکي ٿو ته: ”مون ڪنهن به شخصيت جي ڄم جي تاريخ ۽ هنڌ، سندس تعليم، شادي ۽ اولاد جا تفصيل ڪو نه ڏنا آهن، ان ڪري هن ڪتاب ۾ سندس تاثرات آهن جيڪي ڪارائتا آهن. هن ڪتاب جو تعارف حميد سنڌي لکيو آهي ۽ ’پيش لفظ‘ خليفو حڪيم عبدالحميد چانڊيو جا لکيل آهن. ڪتاب ۾ چوويهه شخصيتن تي تاثرات لکيل آهن. جيڪي رباني صاحب ڪن شخصيتن سان گڏ گذاريو ته ڪن کي وري ڪتابن ۾ پڙهيو يا وري ٿي- ويءَ تي ڏٺو سي آهن: سائين جي- ايم- سيد، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، مخدوم سجاد حسين قريشي، ڊاڪٽر ائنيمري شمل، ايلسا قاضي، سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز، جمال ابڙو، ڊاڪٽر جي ايم مهڪري، شيخ حفيظ، نورالدين سرڪي، تنوير عباسي، حميد سنڌي، جمال رند، استاد اظهار حسين، ارنيسٽ ٽرمپ، ڊيوڊ چيزمين، ليڊي ڊيانا، پگٽ ڪنور، حسين شاهه راشدي، پروين شاڪر، ڊاڪٽر نجم الاسلام، محمد حسن پيٽو، اعجاز قريشي، غلام علي جيڪي پنهنجن پنهنجن شعبن جا ماهر ۽ اڪابر ٿي گذريا آهن تن کي هن ڪتاب ۾ جاءِ ڏني وئي آهي. هي ٥٧٦ صفحن جو ڪتاب سنڌي ادب جو وڏو حوالو آهي.

### ۷. سنڌي ڪلچر [پس منظر- پيش منظر]

غلام رباني آگري سنڌي ثقافت کي نمايان ڪري پيش ڪيو آهي ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته سنڌ جي تهذيب و تمدن ٻين تهذيبن جي ڀيٽ ۾ شاهوڪار ۽ منفرد آهي. ڪتاب جي پبلشر عبدالعزيز عقيلي، سيڪريٽري ثقافت حڪومت سنڌ

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)

اهو سچ لکيو آهي ته: ”هن ڪتاب ۾ آگري صاحب ثابت ڪيو آهي ته، سنڌ جي ثقافت سنڌ ڌرتيءَ جي اصل ثقافت آهي. جهڙي طرح تهذيب ۽ ثقافت الڳ ۽ نج سنڌ جي آهي تهڙي طرح ان جي اصليت ۽ نج پڻي کي ظاهر ڪري ٿو. اها حقيقت آهي ته سنڌ جي ثقافت ۾ ڪنهن به شاهوڪار ثقافت جون سموريون خوبيون آهن.“ (عقيلي، ٢٠١١: پبلشر پاران)،

هڪ سؤ چوئيتاليهن صفحن جي هن ڪتاب جا عنوان آهن: ’وري ورندو واءُ‘، ’ان پر نه ايمان‘، ’سارو ئي سبحان‘، ’سنڌ جي تهذيب‘، ’فيضي ۽ ابوالفضل‘، ’موجيم که آسودگي ماعدم ماست‘، ’دريا جا ڪنارا‘، ’ڏس گذران فقيران دا‘، ’قابل فخر سرمايو‘، ’شهر ڪلچر جو مظهر‘، ’سنڌي ساهت ۽ سنڌي عورت‘، ’شهر ڪلچر جو سرچشمو‘، ’صاحب ساري سنڌ تي‘، ’سنڌ جون ممتاز علمي شخصيتون، مولانا عبيدالله سنڌي‘ مذڪوره ڪتاب جي چوڏهن ئي مضمونن ۾ اسلامي ۽ سائنسي نقطهءِ نگاه سان سنڌ جي ڪلچر کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

### ٨. **”خطِ غبار“ غلام رباني آگري جا خط - حڪيم اعجاز ڏانهن**

خطن کي حڪيم اعجاز ڪتابي صورت ڏئي ڇپرايو آهي. خط ڇا آهن؟ دين اسلام جي بيمثل ذڪر سان سرشار تحفا آهن. ڪتاب ۾ اٺڪل اٺويهه خط شامل آهن. ڪتاب جي آخر ۾ ربانيءَ صاحب جون محمد ابراهيم جويو، سيد غوث علي شاهه صاحب سان يادگار تصويرون ڏنل آهن. سمورو ڪتاب ١٣٤ صفحن تي مشتمل آهي.

### ٩. **هنگلاج ۾ چانهه**

مصنف جو هڪ ئي ڪتاب ”**هنگلاج ۾ چانهه**“ جي عنوان سان ڪتاب شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ڀين ننڍين ننڍين عنوانن سان سفر ناما ڏنل آهن جن جو هت هيٺ ذڪر ڪريون ٿا:’**هنگلاج ۾ چانهه**‘ ۾ سفر نامن جي تحريڪ، سفرنامن لکندڙ مشاهيرن جو احوال، پڻائي بابت، مشاهيرن جي ڪوتائن، ڊاڪٽر شمل، هيلي ڪاپٽر، جيپ ۽ ٻيڙي جي سير، ڪن آفيسرن جي اخلاق بابت، شيرين فرهاد جي قبر، خلا جي تصور، هنگلاج جي مکيه ياترين بابت، هنگلاج جو مفهوم ذڪر ڪيو آهي.

### **بنگلاديش ۾ ڏهه ڏينهن**

مذڪوره سفر نامي ۾، بنگلاديش جي تاريخ، جاگرافي، ادب ۽ ثقافت تي نوٽ، ايران بابت احوال، بنگلاديش جي صدر توڙي وزيراعظم جي اخلاق بابت، بنگال جي مشاهيرن، ڪن ڪتابن بابت، جهڙوڪ: ”گيتا نجلي“ بنگالين جي ريتن رسمن ۽ راڳ توڙي ناچ، بنگالين جي سياست، هندستان ۾ سارڪ سيمينار. هندن جي تاريخ - خصوصاً تاج محل، پنهنجي سوانح حيات، الڙپائي جا قصا. پارت جي

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)


ادبين جي بي رخائي ڪرتوتن بابت، بنگلاديش شهرن جي جاگرافيائي پوزيشن، ڪن تحريرن، ون يونٽ، هوٽلن ۾ ادبي مشاعرن، ميلا ڏسڻ جهڙيون جايون، تيمورن جي ڪوس، مغلن جي زواليت جا ڪارڻ بيان ڪيا اٿس.

**ايران اڳي ۽ هاڻي**

هن سفر نامي ۾، ايران جي تاريخ، ايران جي تهذيبي ورثي، ايران ۾ بيگانگي ۽ عياشي، شاهي محلاتن جي ڪرتوتن، اسلامي انقلاب، هوائي سفر جو احوال قديم شهرن، هوٽلن جو حوال، فرهنگ ايران جو ڪردار، خميني عالمي ڪانفرنس، امام علي رضا؏ جي روضي بابت، چين ۾ سن يات جي مقبري، ڪن ڪتابن جا تذڪرا، حضورﷺ جن جا حوالا، امام خميني جو خاڪو، ايران جون اقتصادي ۽ سياسي حالات، ايجنسين جي ڪارڪردگي، بادشاهن جي اخلاقن ۽ بداخلاقي، ملڪي حالات جهڙوڪ زرعي سڌارا چنگيز جا ڪارناما وغيره وغيره جو ذڪر ڪيل آهي.

**رني ڪوٽ**

مذڪوره سفر نامي ۾ رني ڪوٽ جي جاگرافيائي پوزيشن، تاريخ احوال ڪان ويندي قلعي جي ساخت ڪي ڏسي واسي مغربي ۽ مشرقي عالمن جي معلومات ڪي آڏو آڻي ڪن نتيجن طرف اچي پنهنجا اکيُن ڏٺا مشاهدا بيان ڪيا آهن.

**سير ۽ سفر چين ۽ ولايت جو**

هن ۾، چين جي تهذيب ۽ ثقافت، چين جي علمي ساک، پاڪستاني ادبي ادارن، رباني جي ڪهاڻي سندس زباني، سفر جا نتيجا، جبلن جا لاوا، ڪن مشاهيرن جو احوال، قرآن ڪريم جا نسخا، چين سوشلسٽ انقلاب کان اڳ، انقلاب کان پوءِ، ادب تي گفتگو، چين ۾ جاگيرداري دؤر جي وڏڙن جي شين کي سانڍڻ، چين جا باغ، ڪي ڏند ڪٿائون، عقيدائي اصول، ڪاريهرجو سوپ، هارين جي حالت زار، خوابن جي دنيا، رني ڪوٽ ۽ ديوار چين جي مشابهت، حضورﷺ جن جون حديثون، **چين ۾ پيوپيرو سفرتي وچڻ جو احوال**، هوٽلن بابت، ادبي ڪچهرين، جبلن جا نظارا پيش آيل واقعا، اخبارن ۽ رسالن، ڳوٺاڻا گهر، مذهبي آزادي، ريلوي مسافري، مکيه فصل، چيني دعوتون، چين جي موسم، مائو بابت خيال آرائي، ڪوهه قاف جون پريون سفر نامي جا اهم موضوع آهن.

**١٠. سنڌ جي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر**

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ٢٠١٣ع ۾ ڇپرايو آهي، جنهن کي ٻن ترقي پسند ليکڪائن جي نالي ارپيو ويو آهي.

ڪتاب ۾ جيڪي ترقي پسند اديب آهن تن ۾ جهڙوڪ: سيد سجاد ظهير، پروفيسر منير احمد علي، فيض احمد فيض، سيد سبط حسن، محترم رشيد جهان، ملڪ راج آنند، ڪرشن چندر، منشي پريم چند، رابندرناٿ، ٽئگور ۽ قليچ بيگ

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)

ترقي پسند تحريڪ ١٩٣٦ع کان اردو ادب ۾ نمودار ٿي، ان وقت عصمت چغتائي، علي سردار جعفري، جوش مليح آبادي، ڪيفي اعظمي، خواجه احمد عباس، مجاز جان، نثار اختر، ساحر لڌيانوي، احمد نديم قاسمي ۽ لکنوءَ جون ليڪ مايون حاجره مسرور، خديجہ مسرور، سيني جو سرواڻ ڪهاڻيڪار جناب ڪرشن چندر هو. ليڪن جا مذهبي عقيدا ۽ اصول ٻڌايا ويا ته اُهي ”پروگريسو رائيٽر“ سڏبا هئا. انهن جي ڪهاڻين ۽ ناولن، شاعري ۽ ناٽڪ نويسي، صحافت، ميڊيا تي وڏو سماجي انقلاب برپا ٿيو.

**١١.ٿيا قلب قرار**

هن ڪتاب ۾ غلام ربانيءَ جا مضمون، مقالا، يادگيريون، ترجما، تقريرون ۽ خاڪا شامل آهن. ڪتاب جا مرتب نصير مرزا ۽ الطاف آگرو جن آهن، ۽ ڪتاب کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو پاران ڇپايو ويو آهي. ڪتاب جو انتساب محمد ابراهيم جويي جي نالي ڪيل آهي. غلام رباني آگرو متعلق محمد قاسم ماڪا به اکر عنوان ۾ لکي ٿو ته: ”سائين غلام رباني آگري صاحب جو شمار اهڙن جڳ مشهور اديبن ۾ ٿئي ٿو. جن کي دنيا جي مقبول و معروف ٻولين ۾ ترجمو پڻ ڪيو ويو آهي، جن ۾ انگريزي هندي، چيني وغيره شامل آهن.“ (ماڪا، ٢٠١٣: ٨)

ڪتاب کي اٺن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي، جنهن ۾ ننڍا وڏا اوڻٽيهه عنوان آهن. سمورو ڪتاب ٤٦٨ صفحن تي مشتمل آهي جنهن ۾ دين اسلام جي عظيم هستين، قرآن شريف جا ترجما ۽ جتوئي صاحب واري انگريزي ترجمي کي مرڪز بڻائي ٻين ترجمي نگارن بابت ڄاڻ ڏنل آهي. سنڌ جي تاريخ جي پهرين ڪتاب فتح سنڌ ۽ چچ نامي متعلق هڪ تعارف ۽ تحقيق پيش ڪئي وئي آهي. ڪتاب ۾ مشرقي ۽ مغربي عالمن جا نظريا، تصور ۽ فڪر جا بجا ملن ٿا، انهيءَ خوبين ڪري ڏاڍو مقبول ٿيو آهي. **ڪتاب ۾ عنوان آهن**: سنڌ جي بمبئي کان جدائي جو سربستو احوال. سنڌ جا سرڪاري ۽ نيم سرڪاري علمي ادبي ادارا، سنڌي ادبي بورڊ، ۽ ان جي اسڪيمن ۾، سنڌ جي تاريخ جي اسڪيم، سنڌي لوڪ ادب جي اسڪيم، جامع سنڌي لغات، سنڌ جي صوفي شاعرن جا ڪتاب ڇپائڻ، ترجمن جي اسڪيم، قرآن پاڪ جو فارسي ترجمو، عربي فارسي ڪتابن جي اشاعت، سنڌي زبان ۾ ٻارن جو ادب شايع ڪرڻ جي اسڪيم، عوامي ڪتابن واري اسڪيم، مهراڻ رسالو شايع ڪرڻ، بورڊ جي لائبريري، بورڊ جون آفيسون وغيره کان علاوه انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي جي ڪم ۽ ڪارڪردگي ۽ ان جي مقصد کي اڏو آندو ويو آهي. سنڌ پراونشل لائبريري ۽ ميوزم، شاهه عبداللطيف ڀٽائي مرڪز، اشاعتون، شمس العلماءُ دائود پوٽا سنڌ گورنمينٽ پبلڪ لائبري، مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد ۽ شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد.

سندس هڪ موضوع ”**مهراڻ“ ادب جو ”سنڌ نامو**“ رڪيل آهي جنهن ۾، ماهوار ”نئين زندگي“ ۽ ”مهراڻ“ بين رسالن ۽ انهن جي واڳ ڌڻين بابت معلومات ڏني وئي آهي. غلام آگرو لکي ٿو ته: ”پاڪستان پبليڪيشن اردوءَ ۾ ”ماه نو“، فارسيءَ ۾، ”هلال“، عربيءَ ۾، ”الوعي“ ۽ انگريزيءَ ۾، ” Pakistan Quarterly“ رسالا ڪيندي هئي. پر ڪوبه رسالو ”نئين زندگيءَ“ جيترو شايع ڪونه ٿيندو هو. اهو سڄو نتيجو سائين عبدالواحد سنڌيءَ جي محنت جو هو.“ (آگرو. ٢٠١٣: ١٧٤)، غلام رباني آگرو انهيءَ ڳالھ تي به، افسوس جو اظهار ڪيو آهي ته ”نئين زندگي“ ۽ ”مهراڻ“ ٻئي سرڪاري رسالا آهن ايڏو وڏو عرصو هليا آهن، جيڪا هڪ حقيقت آهي، پر اهو حرف حساب ته سنڌ جي جاگيردار طبقي تي اچڻ گهرجي. ڪنهن زماني ۾، انهيءَ طبقي جي ڪن اشرافن، نوشهرو فيروز ۽ ٺٽي باگي ۾ اعليٰ پايي جا درسگاه ٺهرايا. هن وقت انهن کي الائجي ڇاٽي ويو آهي، جو ڪڙن جي ويڙھ ۽ ڪتن جي ٻچ کان سواءِ ٻيو ڇڳائي وارو عمل نه ٿا ڪن!

مذڪوره ڪتاب ۾ هڪ ٻيو موضوع آهي **شاھ ولي الله جا مخدوم معين ٺٽوي ڏانهن خطَ**، هن مضمون ۾ ٻنهيءَ عالمن جي بزرگي ۽ علمي ذات جو ذڪر ڪيوويو آهي. ”هندستان ۾ ائين ڪونه ٿيو اتي شاھ ولي الله جي سمورين تحريرن کي ڪمال ادب ۽ احترام سان ذري پرزي سانديو ويو. سندس خطن جو مکيه مجموعو حيدرآباد دکن جي نظام جي عثمانيه يونيورسٽيءَ ۾ محفوظ آهي، جنهن ۾ جملي ٽي سو پندرهن خط آهن. جيڪي مختلف عالمن ڏانهن لکيل آهن، جن ۾ مخدم معين ٺٽوي به شامل آهي.“ (آگرو، ٢٠١٣: ٢١٢)، مضمون ۾، غلام رباني آگري، مخدوم ﷴ معين ٺٽي ڪي نام، جي حوالي سان ڪي خطن جا نمونا ڏنا آهن. اهڙي علمي ڪم کي ڏسي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، غلام رباني آگرو ڏانهن هڪ خط لکيو، جيڪو تاريخ ٢٩ /٨/ ٢٠٠٠ع تي لکيو ويو ان خط جو عڪس هن مضمون ۾ ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾، ٻيا موضوع پڻ اهم آهن. ”اقرار نامو“: سنڌي ترجمو، تمسڪ شرعي دستاويز وغيره جن جي وڏي اهميت محسوس ٿئي ٿي.

## ١٢.سنڌ جا بَر، بَحَرَ پهاڙ

هن ڪتاب جي شروعات ۾ سنڌ جي ٻن بزرگن پير ﷴ راشد روضي ڌڻي جو سبق (تعليم) حاصل ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو صفحي نمبر ١ کان ٨٠ تائين ڦهليل آهي. جنهن ۾ پير ﷴ راشد روضي ڌڻي جي، ولادت ١١٧٠ھ ۽ وفات ١٢٢٣ھ کانپوءِ سندس تعليم، علمي حيثيت کان ويندي بزرگي ۽ خليفن جي معلومات ۽ ٻيا ڪيترائي بحث تاريخ جي روشني ۾ بيان ڪيا ويا آهن. پير صاحب جيڪا تبليغ ڪندا هئا سا فارسي بجاءِ پنهنجي مادري زبان ۾ ڪرڻ فرمائيندا هئا. ان کان علاوه مريدن کي هدايت ڏيڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ جا ڪي رهنما اصول ٻڌايا

ISSN (P): 2709-9636 | ISSN (O): 2709-9644
Volume 3, Issue 2, (April to June 2022)

ويا آهن. اهڙي طرح صفحي ايڪاسي کان هڪ بئي بزرگ غوث بهاؤ الدين ملتاني جي زندگيءَ جي سفر ۽ حياتيءَ جو پس منظر بيان ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾، هڪ ٽئين بزرگ، سيد عثمان مروندي قلندر لعل شهباز جو ذڪر ملي ٿو جيڪو صفحي ۱۴۵ کان ۳۸۶ صفحي تي پورو ٿئي ٿو. ڪتاب جي آخر ۾ پس نوشت ڏهن صفحن ۾ ڏني وئي آهي. غلام رباني آگرو هڪ باشعور ليکڪ هو تنهنڪري پنهنجي زبان ۽ ادب کي زنده رکڻ لاءِ اسان جي تحقيق موجب سنڌي ادب کي ٻارهن ڪتاب ڏنا آهن. انهيءَ علاوه ٻه ڪتاب اردو زبان ۾ ۽ ڪجھ انگريزي ۾ لکيآاهن. مذڪوره تحقيق کان پوءِ ڪتابن جو تعداد وڌي ٻه سگهي ٿو چاڪاڻ جو تحقيق جو علم هڪ جڳهہ تي بيهڻ وارو نه آهي. تحقيقي عمل سمنڊ جي عميق ۽ ان کان مٿي لهرن وانگر هوندو آهي، ۽ تحقيق جي طريقيڪار ۽ عمل ۾ هميشه نوان نوان وڌارا پيا ٿيندا رهنداآهن. هر دورجي تحقيق اڳ واري تحقيق جي روشنيءَ ۾ اسرندي آهي. راقم الحروف سن ۲۰۱۵ع ۾ غلام رباني آگرو جي ادبي خدمتن تي ايم فل جي سند حاصل ڪري چڪو آهي. اهو تحقيقي مقالو ڪتابي صورت ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۲۰۲۱ع پاران شايع ڪيو ويو آهي.

**نتيجو**

مجموعي طور تي تحقيق مان جيڪو نتيجو اڏو آيو آهي ته، غلام رباني آگري سن ۱۹۵۳ع کان ۲۰۱۰ع تائين سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. سندس تصنيفن ۾نوجوان نسل لاءِ ذهني ۽ فڪري سڪيا جا ڏس ڏنل آهن. انهن فڪري گهراين جي ڪري سندس تخليقون ادبي دنيا ۾ مقبوليت ماڻي چڪيون آهن، جنهن ڪري ٻين ٻولين هندي، اردو، انگريزي، جرمني ۽ چيني ٻولين ۾ ترجمو ڪيون ويون آهن جا هڪ مصنف جي وڏي ڪاميابي آهي.

**حوالا**


۱. لاکو، غلام محمد، ”غلام رباني آگرو: سخصيت جو هڪ پهلو“، ٽه ماهي ”مهراڻ“ نمبر ۲، جلد ۶۰، اپريل – جون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنہ ۲۰۱۰ع
۲. الطاف آگرو ۽ نصير مرزا، (سهيڙيندڙ)، _آب حيات _ [ڪهاڻي- ڪليات] - ڇاپو پهريون - روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو ۲۰۱۱ع
۳. چانڊيو، جامي، (مرتب) _ افسانوي ۽ فڪري ادب _ (ڇاپو پهريون)، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي ۲۰۰۷ع
۴. غلام رباني ’سنڌي‘، ’فتويٰ‘، ماهوار ”نئين زندگي“، نمبر۸، (آزادي نمبر)، ايڊيٽر: عبدالواحد سنڌي، آگسٹ، ڪراچي، ۱۹۵۵ع

٥. شيخ ’راز‘، ”١٩٥٥ع جي مختصر افساني جو جائزو“، ماهوار ”نئين زندگي“، نمبر ١١، ايڊيٽر: عبدالواحد سنڌي، ماه نومبر، ڪراچي، ١٩٥٦ع
٦. آگرو، غلام رباني، _ سنڌي ڪلچر _ سهيڙيندڙ: الطاف آگرو، نصير مرزا، پيش گفتار – نصير مرزا، ثقافت کاتو حڪومت، سنڌ ٢٠١١ع .
٧. آگرو، غلام رباني، _ ٿيا قلبَ قرار _ سهيڙيندڙ: الطاف آگرو ۽ نصير مرزا، (ڇاپو پهريون)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو ٢٠١٣ع